SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1993
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1993
# سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1993
# THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1993

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance V of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 14 جي ترميم
Amendment of Section 14 of Sindh Ordinance V of 1972

4. ليزون وغيره ختم ڪرڻ
Abatement of leases etc

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1993
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1993
# سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1993
# THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1993

[31 ڊسمبر 1992]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| تمهيد (Preamble) | جيئن ته سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 کي هن ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛<br>۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛<br>هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛ |
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short Title and | 1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1993 سڏيو ويندو.<br>(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 31 مارچ 1993 کان لاڳو |

سمجهيو ويندو.

commencement

2.سنڌ جهنگلي جيوت آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس جو حوالو ڏنو ويو آهي، ان جي دفعہ 2 جي شق (n) ۾ لفظ ۽ ڪاما "پکي،" کي لفظن ۽ ڪامائن "پکي، مڇي،" سان تبديل ڪيو ويندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance V of 1972

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 14 ۾، ذيلي دفعہ (3) کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:
"(4)جهنگلي جيوت واري علائقي ۾ ڪي بہ مڇي مارڻ جا پاٽي ليز نہ ڪيا ويندا يا ڪنهن بہ صورت ۾ مڇي مارڻ يا لوٽس ۽ پاڙون جمع ڪرڻ جي ڪمرشل مقصدن لاءِ استعمال نہ ڪيا ويندا."

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of Section 14 of Sindh Ordinance V of 1972

4.ڪا بہ ليز يا جاري ڪيل اجازت يا ڪو معاهدو يا مٿي ڄاڻايل ذيلي دفعہ (4) ۾ ڄاڻايل مقصد لاءِ سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1992 کان پهريان لاڳو هيو اهو ختم ۽ ڪارگر نہ رهندو.

ليزون وغيره ختم ڪرڻ
Abatement of leases etc

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**